# ڊاڪٽر اِندرا هندوجا

## جڳ پرسڌ گائناڪالاجسٽ



Dr. Indira Hinduja
*Specialist & Assisted in* Reproductive Technologies
(IVF - ET, GIFT, ICSI)

سماج جي تاجي پيٽي کي قائم رکڻ ۽ اُن کي مضبوط
ڪرڻ لاءِ ڪن شخصيتن جو اَهم ڪردار رهي ٿو.
اِئين تہ اَڄ جي دور ۾ سوين ماڻهو ملندا: جيڪي
اَلڳ اَلڳ سياسي، سماجي ۽ اَدبي ميدان ۾ پنهنجو
ڪاريہ ڪندا رهن ٿا! پر اُنهن مان ڪي چند انسان
آهن، جيڪي پنهنجي مقصد سان وفاداري رکندي
پنهنجو پاڻ سان سچار هوندا آهن! اَهڙي ئي هڪ
اِنفرادي شخصيت اَڄ اَسان سان گڏ آهي

**ڊاڪٽر اِندرا هندوجا:**

جنهن جي ڪاميابين نہ صرف هندوستان، پر پوري دنيا
۾ سنڌين جي عزت ۾ اِضافو آندو آهي!

**جوَهراڻي:** **ڊاڪٽر! اَوهان جو هارڊڪ سواگت آهي! سڀ کان پهرين اَسين اِهو ڄاڻڻ چاهينداسين تہ سنڌ جي ڪهڙي حصي ۾ توهان جو جنم ٿيو ۽ اُتي اَوهان جي وڏن جو ڪهڙو ڪاروبار هئو؟**

**هندوجا:** منهنجو جنم شڪارپور ۾ ٿيو هئو. اَسين اُتي ئي رهندا هئاسين. باقي بزنس لاءِ ڪراچيءَ اَچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هئو. پر گهڻو ڪري اَسان جي سموري زندگي اُتي شڪارپور ۾ ئي گذري.

**جوَهراڻي:** **اُتي اَوهان جي ڪٽنب پريوار جو ڪهڙو ڪاروبار هئو؟**

**هندوجا:** اَسان کي اُتي ڪپڙي جو ڪاروبار هئو. منهنجي پتا ۽ وڏي ڀاءُ ملي ڪري اُهو ڌنڌو شروع ڪيو هئو. جنهن جي هڪ برانچ هنن ڪراچيءَ ۾ بہ کولي هئي. پر ورهاڱي ڪارڻ اُهو بزنس اَڳتي ڪونہ وڌي سگهيو.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي جو ذڪر نڪتو آهي تہ مان ڄاڻڻ چاهيندس تہ اُن سبب توهان جي جيون تي بہ ڪو اَثر ٿيو ڇا؟**

**هندوجا:** اَثر تہ وڏو ٿيو! جڏهن پارٽيشن پئي ٿي ۽ اَسين سنڌ ڇڏي هتي هندوستان آياَسين؛ اُن مهل مان تہ تمام ننڍي هيس! مان صرف ڏيڍ سال جي هئس. تنهن ڪري مون کي تہ ڪجهہ بہ ياد نہ آهي. پر اَسين جڏهن هتي آياسين؛ اُن جو جيڪو ذڪر اَسان پنهنجي ماءُ پيءُ، وڏي ڀاءُ ۽ وڏي ڀيڻ کان ٻڌندا هئاسين؛ تڏهن اُهو ويچار ڪري بہ مونکي ڄڻ پنهنجي فيملي لاءِ هڪ فخر جو اَحساس ٿيندو آهي، تہ ڪيئن هنن اَهڙين ڏکين حالتن ۾ بہ همت سان منهن ڏنو!

ڇا هنن جو حوصلو هوندو! ڇا هنن جو منو ٻل هوندو! اهو سوچي منهنجي دل ۾ هميشه هنن لاءِ عزت وڌندي رهندي آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان جي تعليم ڪٿي ٿي؟**

**هندوجا:** اَسين شڪارپور کان ڪراچي ۽ ڪراچيءَ کان بمبئي آيا هئاسين. تڏهن منهنجي پتا جي هڪ دوست جو ڪالباديويءَ ۾ گهر هئو. اَسين پهرين اُنهن وٽ رهندا هئاسين. پوءِ ڪجهہ ڏينهن اُتي رهي منهنجو پتا ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ بزنس ڪرڻ لاءِ ٻاهر هليا ويا.

اُن کان پوءِ اَسين بہ جلدي پونا ۽ بيلگانءُ وياسين. منهنجي پوري تعليم بہ بيلگانءُ ۾ ٿي. ميڊيڪل پڙهائيءَ لاءِ مان واپس بمبئيءَ آيس.

**جوَهراڻي:** **اَوهان جي پڙهائي ڪڏهن پوري ٿي؟**

**هندوجا:** مون ١٩٦٧ع ۾ .M.B.B.S پوري ڪئي. ١٩٦٨ع ۾ Internship ڪئي ۽ ١٩٧٣ع ۾ .M.D ڪئي.

**جوَهراڻي:** **توهان هن وقت تائين ڪهڙين ڪهڙين اِسپتالن سان جُڙيل رهيا آهيو؟**

**هندوجا:** مون ايم.بي.بي.ايس. ۽ ايم.ڊي. نائر هاسپيٽل Topiwala National Medical College مان ڪئي. بعد ۾ مان وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ K.E.M. Hospital & G.S. Medical College ۾ آيس. اُن کان سواءِ ٻي جيڪا مون IVF ريسرچ وغيره ڪئي، اُها .K.E.M ۽ Institute for Research & Reproduction جي Collaboration سان ڪئي، جيڪا 'ICMR' جي برانچ آهي ۽ جنهن جو Institute اَسان جي بلڪل سامهون هوندو هو.

**جوَهراڻي:** **توهان دنيا ۾ پهريون پيرو جيڪا 'ٽيسٽ ٽيوب بيبي' جي ريسرچ ڪئي، ان باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندا؟**

**هندوجا:** اهو منهنجو پهريون مثال نہ هئو! مون جنهن مهل .M. D ڪئي، تڏهن اها ريسرچ پهرين ئي هلي رهي هئي. ان مهل١٩٧٨ع ۾ پهرين IVF بيبيءَ جو جنم ٿي چڪو هو.

''First IVF Baby was already born !''

اهو پڙهڻ کانپوءِ مون کي ايترو لڳو تہ ا ئين اَسين هتي هندوستان ۾ بہ ڪري سگهون ٿا! ان ڪري مون ڪافي لٽريچر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو.

ان سان گڏوگڏ مون وٽ هڪ چنتن هئو. مون کي ائين لڳندو هو، تہ مون کي ان پروسيجر جي باري ۾ ڄڻ هڪ جنون ۽ پاڳلپن هئو. هڪ ڀوت سوار هئو! مون ان جا Notes وٺڻ شروع ڪيا. ڊاڪٽرن اهو ڪيئن ڪيو هوندو! اَسان وٽ ڇا ڇا آهي! اَسان کي ٻاهران ڇا ڇا

گهرائڻو پوندو! مون ان تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. خوش نصيبيءَ سان .K.E.M جي سامهون واري اِنسٽيٽيوٽ مون کي Support ڪيو. ائين اَسان .K.E.M اِنسٽيٽيوٽ سان گڏجي ڪري اِهو تجربو ڪيو. Patients ڪي. اي. ايم. اِسپتال جا ۽ ريسرچ .I.C.M.R جي؛ آخر اَسان کي ڪاميابي ملي!

دراَصل ۱۹۸۲ - ۱۹۸۰ع دوران هيءُ ڪم شروع ڪيو ويو هئو. پهرين تہ اَسان اُهو تجربو Animals مٿان ڪرڻ شروع ڪيو. اُن ۾ جڏهن اَسان کي ڪاميابي ملي تہ اُن کانپوءِ

'Scientific Community Presentation & Ethics Committee Clearance" وارن کان اها Permission ملي تہ اَسين اِنسان مٿان اهو Experiment ڪري سگهون ٿا.

پوءِ اَسان اهو اَصلي ڪم Infertiled اِستريءَ مٿان ڪرڻ شروع ڪيو ۽ آخر ۱۹۸٦ع ۾ اَهڙي پهرين Delivery ٿي.

**جوَهراڻي:** **ماڻهو اَڄ اَوهان جي ريسرچ جو فائدو وٺي رهيا آهن يا اَڃا بہ هوُ شرم هيٺ آهن؟**

**هندوجا:** نہ! هاڻ اِئين ناهي! Infertility هڪ اَهڙي شيءِ آهي، جو اُن لاءِ Couple ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. ڪڏهن تہ اِستري اِئين بہ چوندي آهي تہ تون مون کي ڪٽي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏ، پر مونکي هڪڙو ٻار ڏي! تنهن مهل بہ اِئين چوندا هئا ۽ هاڻ بہ اِئين ئي چوندا آهن. فرق صرف ايترو آهي تہ اَڳي اَسين Experimental Stage تي هئاسين ۽ هاڻ اها هڪ Well Documented Experiment ٿي پيئي آهي.

اَڄ توهين ڪو بہ .M.B.B.S جو ڪتاب کوليندا تہ ان ۾ اِهو طريقو لکيل آهي تہ ڇا ٿي سگهندو آهي! اَڳي Patients ٻڌائڻ نہ چاهيندا هئا، پر هاڻ پاڻ اَچي ڪري چوندا آهن!

**جوَهراڻي:** **اَوهان کي وڏيڪ ريسرچ ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي ڇا ڪجهہ مالي مدد ملي رهي آهي؟**

**هندوجا:** پهرين جڏهن مونکي اها ڪاميابي ملي هئي، تڏهن تہ ICMR،

KEM's Public Hospital ۽ Central Body انهن سيني سان منهنجو واسطو رهيو.

مان هڪ بي ڳالهه چوڻ چاهيندس، تہ هيءُ تجربو ڪرڻ لاءِ مان ڪڏهن بہ ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ۾ ڪانہ ويس. اَسان اهو سڀ ڪجهہ Limited Resources هوندي بہ هتي ئي Develop ڪيو.

ائين اهو تجربو اَسان Estabilish ڪيو. اَڳ اُهو مڪمل طور Free ۾ هوندو هئو. نہ KEM چارج ڪندي هئي ۽ نہ ICMR وارا چارج ڪندا هئا. پر Unfortunately اَڄ اهو تجربو ڪنهن بہ پبلڪ هاسپيٽل ۾ ڪونہ ڪيو وڃي ٿو. ڪوششون جاري آهن؛ تہ ڪٿي نہ ڪٿي اهو Experiment وري شروع ڪيو وڃي!

**جوَهراڻي:** **ڊاڪٽر! اُن پوري Process ۾ گهڻو خرچ اَچي ٿو؟**

**هندوجا:** هاڻي پوري هندوستان ۾ ڪيترين خانگي اِسپتالن ۾ اهي سهوليتون آهن. خرچ لڳ ڀڳ ستر-اَسي هزار روپين تائين اَچي ويندو آهي. جنهن ۾ سڀ ڪجهہ Included هوندو آهي. جيئن تہ دوائون ۽ ٻيو Procedure وغيره . پر اُن ڪانپوءِ Pregnancy ٿئي يا نہ ٿئي! Treatment شروع ٿئي! پوءِ اُن جي Suceess ٿئي يا Failure! خرچ تہ ٿئي ٿو!

**جوَهراڻي:** **اَڄ اُن Experiment ۾ گهڻو سيڪڙو ڪاميابي ملي ٿي؟**

**هندوجا:** پهرين تہ ١۵% ڪان ٢٠% هوندي هئي، جڏهن مون شروعات ڪئي هئي! اُن ڪانپوءِ ٢٠% ڪان ٢۵% ۽ هاڻ ۴۵% ڪان ۵٠%-

Almost ڪاميابي ملي ٿي.

**جوَهراڻي:** **GIFT Technique بہ اُن سان واسطو رکي ٿي!**

**هندوجا:** هي جيڪو اَسين 'Test Tube Baby' چوندا آهيون، اُن ۾ اِستري ٻج ۽ شڪراڻو، ٻنهي جو جڏهن گڏجڻ ٿيندو آهي؛ اُن کي ميڊيڪل ٽرم ۾ 'Fertilization' چوندا آهيون. اُهو بدن ڪان ٻاهر ڪندا آهيون. بدن ۾ 'Filopean Tube' نہ ٿيندو آهي؛ تڏهن اُهو بدن ڪان ٻاهر ڪڍي، 'Fertilization' ڪانپوءِ اُن کي 'گرڀاشيہ' ۾

رکي ڇڏبو آهي. اِئين چئجي تہ ريسرچ جو Central Point فرٽلائزيشن Out side the Body ڪيو ويندو آهي.

اُن ڪانپوءِ جيڪي بہ Steps آهن، اُهي اُن مان ئي نڪتل هوندا آهن. ٿورو ٿورو Deviation!

ٿورو ٿورو فرق! اِئين جيڪا GIFT توهين چئو ٿا؛ اُن ۾ فرق ايترو آهي، تہ توهان جون Fertilized اِمليون يا اِستري ٻج ۽ شڪراڻو، گرڀاشيہ (Uterus) ۾ نہ رکي ڪري 'Filopean Tube' ۾ رکجي ٿو. صرف Site بدلجي ٿي. فائدو ڇا ٿيندو؛ تہ اُهو پهرين 'Filopean Tube' ۾ رهندو آهي ۽ اُتي ئي ملندو آهي ۽ 'Fertilized' ٿيندو آهي. اُن ڪان چار ڏينهن پوءِ اُتي وڌندو آهي ۽ 'Uterus' ۾ ايندو آهي. اُن ۾ Success جا چانس وڌيڪ هوندا آهن. ٽيوب جيڪڏهن Healthy نہ هجي ۽ ڪٿي Narrow ٿي ويو هجي يا اَٽڪي پوي! 'Abnormal Fertlization' ٿئي؛ تہ خبر نہ پوندي آهي. اَهڙي طرح اُن جا فائدا بہ آهن تہ نقصان بہ آهن!

**جوَهراڻي:** **توهان سنڌي جاتيءَ ۾ جنم ورتو! سنڌي جاتيءَ طرف توهين کهڙي نگاه سان ڏسو ٿا؟**

**هندوجا:** مونکي هميشه ان جو ڏک رهندو تہ مونکي سنڌي سماج بابت وڌيڪ اَڀياس ۽ وڌيڪ ڪلچر نہ ملي سگهيو! اُن جا ڪارڻ بہ ٿي سگهن ٿا تہ اُن لاءِ مون ئي محنت ڪونہ ڪئي هجي!

**جوَهراڻي:** **توهان جي ايڊيوڪيشن اَنگريزيءَ ۾ ٿي؟**

**هندوجا:** ها! اِنگلش ۾ ٿي ۽ جڏهن آءٌ بيلگانءُ ويئي هيس تہ اُتي مرانيءَ ۾ ٿي! مان اُتي پهرين هڪ ميونسپل اِسڪول ۾ پڙهي هيس.

**جوَهراڻي:** **اُن مهل ساڌن گهٽ هئا يا اَوهان پڙهائيءَ جو خرچ Afford نہ پئي ڪري سگهيا!**

**هندوجا:** پهرين تہ اَسين Afford نہ پئي ڪري سگهياسين! اُن مهل جيڪو بہ اِسڪول Available هئو. پاسي ۾ هئو؛ جتي پنڌ ڪري وڃي سگهجي. ان ۾ داخلا ورتي.

**جوَهراڻي:** **شايد توهان وٽ هڪ محڪم اِرادو ۽ جُنون هئو، جو توهين پنهنجي منزل کي پهتا؟**

**هندوجا:** مون کي اُن لاءِ ڪو به ڏک ناهي ته مان ميونسپل اِسڪول ۾ ڇو پڙهيس. مون کي پاڻ ميونسپل اِسڪول لاءِ هڪ فخر آهي، ته ان حالت ۾ به اَسين وڌي سگهياسين. مون جيئن اَڳ به اَوهان کي چيو ته مان Abroad ڪڏهن ويئي ئي ناهيان! اهو Experiment مون ڪٿي ڏٺو ڪونه هو. مون صرف پڙهيو هو. اُن ڪانپوءِ اَسان پاڻ ايجاد ڪئي. اُن تي مون کي پاڻ لاءِ به هڪ فخر جو اَحساس آهي!

**جوَهراڻي:** **جيڪڏهن اَوهان کي هينئر سنڌي سکڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جا ساڌن ميسر ڪيا وڃن ، ته ڇا سنڌي سکڻ لاءِ توهين وقت ڪڍندا؟**

**هندوجا:** مان ضرور ڪوشش ڪنديس! دراَصل وقت ڪڍڻ پنهنجي هٿ ۾ هوندو آهي، پر پهرين چاهه هئڻ کپي. مونکي چاهت آهي. جيڪڏهن چاهت آهي ته ٻولي سکڻ ۾ گهڻو ٽائيم لڳندو ئي ڪونه!

**جوَهراڻي:** **اَڄ نوجوان ٽهيءَ ۾ سنڌي هئڻ جو اَحساس گهٽجي رهيو آهي. ٻارُ پاڻ کي سنڌي سڏائيندي شرم ٿو محسوس ڪري. اُنهن لاءِ توهين ڇا چوندا؟**

**هندوجا:** اها ته ڏاڍي بدنصيبي ڇئبي ته پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ شرم اَچي! مان ته هڪ ڳالهه چونديس ته اَسين سڀ ڪجهه سنڌ ۾ ڇڏي هتي آياسين ۽ اُن مهل اَسان وٽ ٻه روٽيون به کائڻ لاءِ نه هيون. مان پنهنجي گهر جي ڳالهه ٿي ڪيان! اَسين ۽ پاڻ فيملي مان آهيون. اُتي اَسان کي عاليشان بلڊنگس هيون. گهر ۾ هڪ ٻار پيدا ٿيندو هئو، ته اُن لاءِ هڪ اَلڳ بلڊنگ ٺهندي هئي. جڏهن اَسين هتي آياسين ته ٻه ويلا روٽي ملڻ به مشڪل هئي. اُن ڪانپوءِ به اَسين هن مقام تي پهتا آهيون. اُن جو مطلب اِهو آهي ته اَسان کي پنهنجي محنت ، جوش ۽ آتم بل تي فخر ٿيڻ گهرجي ۽ نه ڪِ شرم اَچڻ گهرجي!

**جوَهراڻي:** **ان لاءِ ڇا ڪجي؟ جيڪڏهن نئين نسل ۾ اِهو جذبو پيدا نٿو**

**ٿئي ته شايد اڳتي هلي اَسان جي ٻولي وڏيڪ تڪليف ۾ اَچي!**

**هندوجا:** هاڻي ته اِئين ئي ٿو لڳي ته شايد آهستي آهستي اَسان جي ٻولي به غائب ٿي وڃي!

اَڄ اَسين جهڙي حالت ۾ رهون ٿا؛ جيڪو اَچي ٿو سو اِنگلش ميڊيم ۾ ٿو اَچي. ''فرينچ سکو''، 'جرمن سکو''،'' اِنگلش سکو''، پر ڪير به اِئين نه چوندو آهي ته '' مان سنسڪرت سکان'' يا ''پنهنجي ٻولي سنڌي سکان''؛ اِها بيحد ڏک جي ڳالهه آهي!

**جوَهراڻي: ڇا اَسان جو فرض نه آهي ته اَسين پنهنجي ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايون ۽ هنن کي سنڌي سيکاريون؟ جيڪڏهن ٻولي قائم آهي ته اَسان جو وجود قائم رهندو!**

**هندوجا:** ها! توهين صحيح ٿا چئو ته هرهڪ ماڻهوءَ کي اِن ڏس ۾ ڪوشش ڪرڻ کپي! توهان جو ڪو ئي ڪم سنڌيءَ ۾ نه به هلي، پر هڪڙو پنهنجي ٻوليءَ جو ٻج ته وجهڻ ئي کپي. اَگر ڪنهن کي سنڌي ڳالهائڻ نٿي اَچي ته اها ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي!

پر اِهو سڀ صرف ٻارن تي مدار نٿو رکي؛ اُن لاءِ ماءُ پيءُ به جوابدار آهن! اَصل ۾ اُنهن کي فخر هئڻ گهرجي ته هنن جي ٻارن کي پنهنجي ٻولي اَچي ٿي.

**جوَهراڻي: اُن لاءِ ماتائن جو ڪهڙو رول ٿي سگهي ٿو؟**

**هندوجا:** مان ته چوان ٿي، ته ڪنهن به ٻاهرين ٻولي سکڻ ۾ ايترو فخر نه هئڻ گهرجي، جيترو پنهنجي ٻوليءَ تي ڪرڻ گهرجي! پنهنجي ٻولي ته ڳالهائي نٿا سگهون ۽ آيا آهيون جرمن ۽ فرينچ سکڻ! اِها ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي!

**جوَهراڻي: توهان ڪڏهن سنڌي اَدب پڙهيو آهي؟ ڪجهه سنڌي ساهت اَنگريزيءَ ۾ به ترجمو ٿيل آهي؟**

**هندوجا:** مونکي سنڌي پڙهڻ ته ڪانه ايندي آهي. جيڪو به اَسين سکيا آهيون، اُهو پنهنجي ماءُ پيءُ کان ئي سکيا آهيون. مان ته چونديس، ته جيڪو ٻج منهنجي ماءُ پيءُ اَسان ۾ وڌو! سو مون کي

نٿو لڳي تہ ٻيو ڪٿان مان سکي سگھان ھا! سنڌي ساھتيہ انگريزي ۾ ترجمو ٿيل ٿورو پڙھيو اَٿم!

**جوَھراڻي:** **اُن حالت ۾ اَسين سنڌي ماڻھو اَڃ اَھڙي ڏکئي دور مان گذري رھيا آھيون، جو سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ھڪ وڏو تحرڪ ھلائڻو پوندو ۽ ٻارن کي ان ڳالھہ جو اَحساس ڏيارڻو پوندو تہ اَسان جي سنسڪرتي پراچين آھي، جيڪا ’موھن جو دڙو‘ سان وابستہ آھي.**

**ڊاڪٽر، ھڪ شخصي سوال آھي، تہ اَوھان ميڊيڪل سائنس سان تہ شادي ڪئي؛ پر حقيقي جيون ۾ شادي ڇو نہ ڪئي؟**

**ھندوجا:** ميڊيڪل سائنس منھنجو Choice ھئو! پر ھر ھڪ کي زندگيءَ کي ڏسڻ جو پنھنجو اَلڳ نظريو ھوندو آھي. مون کي لڳو تہ مان شاديءَ وارو اھو رول نڀائي نہ سگھنديس! منھنجو وڏيڪ Interest پنھنجي ڪم طرف ھئو. Achievement جي طرف ھو.

ٿي سگھي ٿو تہ ھڪ ٻيو بہ سبب ھجي، تہ اَسين جڏھن سنڌ مان آياسين، تڏھن شايد منھنجي ماءُ پيءُ لاءِ اِھو ھڪ بار ھئو جو ڪين ٿي ڏيئر ھيون. اُنھن جون شاديون اُنھن جي سيٽلمينٽ!

‘‘Naturally ,we were coming from very rich family and here we became hand to mouth.’’

تڏھن اُھو سوچيوسين تہ سڀ Settle ٿي وڃي. اُن لاءِ منھنجو ھڪ Repulsion مون کي لڳو تہ پنھنجي ڀائرن کان مان ڪيئن اَلڳ آھيان! مان مائٽن تي ڪيئن بار ھيس!

حالانڪ اُنھن مونکي ڪڏھن بہ اھو محسوس ڪرڻ ڪونہ ڏنو؛ پر ھميشہ ھنن جي اَکين ۾ تہ ھڪ عجيب درشيہ نظر ايندو ھئو. پوءِ جيئن جيئن مون M.B.B.S. ڪئي؛ M.D. ڪئي؛ تڏھن جيڪا خوشي مون پنھنجي ماءُ پيءُ جي اَکين ۾ ڏٺي، تہ مون کي لڳو تہ ھاڻ ھنن کي خبر پيئي آھي تہ

’’مان بہ ڪجھہ آھيان!‘‘

’’ڏيئر بہ ڪجھہ آھن!‘‘

**جوَهراڻي:** **سچ ٿا چئو ڊاڪٽر! اَڄ ته ڏيءُ ۽ پٽ ۾ ڪو فرق ئي ناهي!**

**هندوجا:** فرق اُن مهل به ڪونه هئو؛ پر مائٽن جي اِچا ته اِها رهندي آهي ته نياڻي شادي ڪري! هنن مون کي چيو ته ”توکي جنهن رستي تي هلڻو آهي؛ پل پنهنجو رستو پاڻ Choose ڪر! اَسين ڪجهه به Interference نه ڪنداسين!“

**جوَهراڻي:** **ڊاڪٽر صاحبہ! توهان جي تمام گهڻي مهرباني! توهان پنهنجي جيون جي آزمودن ۽ ميڊيڪل حاصلاتن جي اَسان کي سموري ڄاڻ ڏني!**

**هندوجا:** مهرباني!